# اعلي حضرتؒ
# نيڪي جي دعوت

**22-September-2022**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

22 سيپٽمبر، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اعلي حضرت ۽ نيڪي جي دعوت

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... اعلي حضرت ۽ نيڪي جي دعوت جا واقعا

✿... بدترين شخص ڪير؟

✿... سيّد صاحب کي سمجهائڻ جو انداز

✿... اعلي حضرت نماز جي تلقين فرمائي.

✿... ڪامل ايمان وارو ڪير........؟

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو : ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت كئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

الله جي آخري نبي رسول هاشمي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ محدثين(يعني علم حديث جي ماهرن) ۽ عالم سڳورن کي اُٿاريندو، انهن جي سياهي(جنهن سان هُو دنيا۾ علم دين لکي رهيا هوندا ان) مان خوشبو ٻهڪي رهي هوندي، انهن عالمن ۽ محدثن کي بارگاهِ الٰهي ۾ حاضر ڪيو ويندو، ربّ ڪائنات فرمائيندو: توهان وڏي عرصي تائين منهنجي محبوب صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم تي درود پڙهندا رهو! اي ملائڪو! هنن کي جنت ۾ وٺي وڃو.(1)

| | |
|---|---|
| تیری اِک اِک ادا پر اے پیارے | سَو دُرودیں فدا، ہزار سلام |
| وہ سلامت رہا قیامت میں | پڑھ لئے جس نے دِل سے چار سلام(2) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سني نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخِل

1 سعادة الدارين ،صفحه :103-

2...ذوقِ نعت، صفحہ:170 -171ملتقطاً-

ڪرائيندي آهي.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪريون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باأدب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّھ سان بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪين ننڍي هوندي کان ئي باڪمال ڏٺو آهي

سيدي اعلي حضرت امام اهلسنت شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ پاڙيسري هو جنهن جو نالو "محمد شاهه خان" هو. اڪثر ماڻهو ان کي حاجي منٿن خان چئي سڏيندا هئا. هي زميندار ماڻهو هو ۽ عُمر ۾ اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان وڏو هو.

انسان زميندار هجي، پيسي ڏوڪڙ وارو هجي، پوءِ عُمر به ڪافي ٿي چڪي هجي ته ڪجھ ماڻهن جي طبيعت ۾ تڪبر، وڏائي ۽ ٿورو گهڻو غرور وغير به اچي ويندو آهي ۽ مُعاشرتي معاملو آهي ته ماڻهو پنهنجي پاڙي وارن جي سامهون ڪجھ وڏيڪ شان شوڪت ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن پر اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زميندار پاڙيسري، حاجي محمد شاهه جو انداز نرالو هو. سيّد قناعت علي شاهه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مون ڏٺو ته حاجي محمد شاهه زميندار ۽ عُمر ۾ وڏو هجڻ جي باوجود اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي آستاني تي ٻهارو ڏئي رهيا آهن. سيّد قناعت علي شاهه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي اهو انداز نه وڻيو، ته هڪدم اڳتي وڌيا ۽ سندس هٿن مان ٻهارو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي پر حاجي صاحب ٻهارو نه ڏنو ۽ فرمايائين: پٽ! هي منهنجي لاءِ خوش نصيبي آهي جو

---

[1]...مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895.

مان پنهنجي پير صاحب جي آستاني تي ٻهارو ڏئي رهيو آهيان.

سيّد قناعت علي شاه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اچرج ۾ پئجي ويا چوته ڪيس اجا اها خبر نه هئي ته حاجي محمد شاه صاحب به اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا مريد آهن. اُن کي حيران ٿيندي ڏسي حاجي صاحب فرمايو: مان اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان عُمر ۾ توڙي جو وڏو آهيان، مون سندن نندپڻ به ڏٺو آهي، جواني به ڏٺي آهي ۽ هاڻي پوڙهائپ به ڏسي رهيو آهيان، مون ڪين هرعمر ۾ زماني جي بي مثل شخصيت ڏٺو آهي، تڏهن وجي بيعت ڪئي آهي، پوڙهائپ ۾ ته هر شخص بُزرگ ٿي ويندو آهي پر اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي نندپڻ ئي کان تمام گهڻو مشهور ۽ بي مثال شخصيت لڌو آهي.(1)

| | |
|---|---|
| ہر فَن میں بے مِثال ہیں احمد رضا مرے | بچپن سے باکمال ہیں احمد رضا مرے |

ڪنهن عاشق اعليٰ حضرت چا ته خوب لکيو آهي:

| | |
|---|---|
| ہزاروں سے اعلیٰ ہمارا رضا ہے | ہزاروں میں یکتا ہمارا رضا ہے |
| کوئی ایسا پابندِ سُنّت بھی دیکھا؟ | بتاؤ! تو جیسا ہمارا رضا ہے |
| عجم ہی نہیں بلکہ سارے عرب میں | ہُوا جس کا شُہرہ ہمارا رضا ہے |
| خودی کو مٹاتا، خُدا سے مِلاتا | ہمارا رضا ہے، ہمارا رضا ہے |

## پنجويهين شريف جي ڌوم ڌام

پيارا اسلامي ڀائرو! اعلي حضرت امام اهلسنت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي بابرڪت ذات اسلامي دنيا جي لاءِ تمام وڏي نعمت آهي. جڏهن ڪافر (*Non-Muslims*) اسلام جي خلاف سازشون ڪري رهيا هئا، بدمذهبي عُروج پڪڙي رهي هئي، بدعتون

---

1 جہانِ امام احمد رضا،جلد: 7، صفحہ: 208 بحوالہ حیاتِ اعلیٰ حضرت،جلد:1، صفحہ:108 بتغیر

عام ٿي رهيون هيون، معاذالله! قرآني آيتن جا مفهوم مٽائڻ جي ناپاڪ جسارت ٿي رهي هئي، اسلامي تعليمات (*Islamic Teachings*) کي بدلائڻ جي ڪوشش ٿي رهي هئي، اُن فتنن جي دور ۾ الله پاڪ اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي صورت ۾ اسلامي دنيا کي هڪ عظيم نعمت سان نوازيو، اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **مُجدد** بڻجي تشريف ڪٽي آيا ۽ الحمدلله! پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه قلم جي نِبَ سان انهن فتنن کي ختم ڪيو، ڪافرن جي سازشن کي ناڪام بڻايو، بدمذهبي جو زور ٽوڙيائون، بدعقيدگي جو خاتمو ڪيائون، اصل اسلامي عقائد جي درست تشريح فرمائي، اسلامي عقائد تي، اسلام جي اعليٰ تعليمات تي، قرآن جي عزت ۽ حُرمت تي، رسول اڪرم، نورمجسم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عزت ۽ ناموس تي پهرو ڏنائون، بدعتن کي ختم ڪيائون، سنتن کي عام ڪيو، معاشري جي اصلاح فرمائي، ماڻهن کي عشق رسول جا جام پري پيارايائين ۽ الحمدلله ! فتنن کي جڙ کان مٽائي دين اسلام جو پرچم بلند ڪيائون.

تفسیرِ عشقِ احمدِ مختار کس کی ذات؟
مقبولِ آستانِ رسولِ کریم ہیں
اَہلِ سُنّن کا پیشوا، ابنِ نقی علی
منطق، مُنَاظرہ ہو کہ تفسیر، ترجمہ

لاریْب وہ ہمارا رضا ہے، امام ہے
احمد رضا کا اَرفع و اعلیٰ مقام ہے
عشقِ نبی کے چرخ کا ماہِ تمام ہے
ہر علم میں رضا ہی مکمل امام ہے

اَڄُ صفرالمظفر جي 26 تاريخ جي رات آهي، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه 25 صفرالمظفر تي عاشقانِ رسول ڌوم ڌام سان پنهنجي امام، امام اهل سنت سيّدي اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو عرس شريف ۽ خوشيون ملهائيندا آهن. الله پاڪ پنهنجي ولي ڪامل سيّدي اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي صدقي اسان سيني تي رحمت جي نظر فرمائي، اسان کي عشق رسول جي دولت ملي، فتنن واري هن دور ۾ ايمان تي استقامت ۽ آخرت ۾ بنا حساب ۽ ڪتاب جي جنت ۾ داخلا نصيب ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| کیا خُوب اہتمام ہے، کیا انصرام ہے | یومِ رضا ہے چاروں طرف دُھوم دھام ہے |

| | | | |
|---|---|---|---|
| خائفِ کبریا | ہیں رضا ہیں رضا | عاشقِ مصطفےٰ | ہیں رضا ہیں رضا |
| سُنّیوں کے پیشوا | ہیں رضا ہیں رضا | رہبر و رہنما | ہیں رضا ہیں رضا |
| صوفیِ باصفا | ہیں رضا ہیں رضا | صاحبِ اِتّقا | ہیں رضا ہیں رضا |
| خوبرو خوش ادا | ہیں رضا ہیں رضا | دِلبر و دلربا | ہیں رضا ہیں رضا |
| عاشقِ اولیا | ہیں رضا ہیں رضا | زینتِ اَتْقِیا | ہیں رضا ہیں رضا |
| عالِمِ باعمل | ہیں رضا ہیں رضا | مفتیِ بے بدل | ہیں رضا ہیں رضا |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اعلي حضرت ۽ نيڪي جي دعوت جا واقعا

سيدي اعلي حضرت ، امام اهلسنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ نهايت ئي پيارو گُڻ هي آهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي زماني جا قُطب الاِرشاد هئا. **قُطب:** ولايت جو هڪ درجو آهي، اهو ولي ڪامل جيڪو طريقت جي تمام مقامن جو جامع هجي، اُن کي قُطب چيو ويندو آهي، قُطب پنهنجي زماني جي تمام اولياء ۾ انفرادي شان رکڻ وارو هوندو آهي، اُن کي غوث بہ چئبو آهي، **اِرشاد جي معنيٰ** آهي: نيڪي جي دعوت ڏيڻ ❁ برائي کان منع ڪرڻ ❁ ماڻهن جي عقيدن جي اصلاح ڪرڻ ❁ اعمال جي اصلاح ڪرڻ ❁ مُعاشري ۾ موجود برائين جو ختم ڪري سڌارو آڻڻ، هي سڀ ڪجهہ **اِرشاد** جي ضمن اچي ٿو. هاڻي **قُطْبُ الارشاد** جي معنيٰ ٿيندي: پنهنجي زماني جو سڀ کان وڏو اُمّت جي اصلاح

ڪرڻ وارو، پنهنجي زماني جي اولياء جو سردار.[1]

## هڪ سرحدي پٺاڻ جي پنهنجي ڪهاڻي

علامہ ارشدالقادري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: هڪ ڀيرو بريلي شريف جي اسٽيشن تي هڪ سرحدي پٺاڻ اچي لٿو، اُن اسٽيشن جي ويجهو ئي نُوري مسجد ۾ فجر جي نماز ادا ڪئي، نماز کان بعد اُن ٻاهر نڪرندڙ نمازن مان ڪنهن کي بيهاري پڇيو: سائين! هتي مولانا احمد رضا خان صاحب نالي ڪو بُزرگ رهي ٿو؟ ان جي اِدريس نه ٻڌايو! نمازي چيو: جي ها! هتان کان ٻہ ڪلو ميٽر جي فاصلي تي سوداگران نالي هڪ پاڙو آهي، مولانا احمد رضا خان صاحب اُتي رهي ٿو.

سرحد کان آيل پٺاڻ اِدريس پڇا ڪري اجا اٿڻ ئي چاهيو ٿي تہ هڪ نمازي اُن کي روڪي پڇا ڪئي: اوهان ڪٿان کان تشريف ڪٿي آيا آهيو؟ پٺاڻ ٻڌايو: مان سرحد جي قبائلي علائقي کان آيو آهيان. نمازي وري پڇيو: مولانا احمد رضاخان صاحب سان چو ٿا ملڻ چاهيو؟ اُن سوال تي سرحدي پٺاڻ جذبات ۾ اچي جهومي پيو، ڪيفيت تبديل ٿي وئي ۽ اکين مان لڙڪ جاري ٿي ويا، اُن آبديده ٿي ڪري چيو: هي سوال نہ پڇيو تہ بهتر آهي. سوال پڇڻ واري ۽ ٻين قريبي وينل ماڻهن کي ڏاڍي حيرت ٿي تہ اها ڪهڙي راز جي ڳالھ آهي، جو هي ٻڌائڻ کان لنوائي رهيو آهي. هاڻي ماڻهن جي شوق ۾ ويتر اضافو ٿيو، انهن جي اصرار ڪرڻ تي سرحد کان آيل پٺاڻ راز تان پردو هٽائيندي ٻڌايو: پوئين جمعي شريف جي ڳالھ آهي، مان رات جو سُتس، اجا ڪچي ننڊ ۾ هيس تہ مون هڪ خواب ڏٺو، مون کان اُن خواب جي مناڻ ڪڏهن نہ وسرندي، واهہ! منهنجي قسمت! ڇا تو ڏسان، الله جي ولين جي ۽ آئمہ سڳورن جي نوراني محفل سجيل آهي، جنهن ۾ **احمد رضا** نالي هڪ بُزرگ بہ موجود آهي، اُن وڏي رُتبي وارن ولي سڳورن جي موجودگي ۾ احمد **رضا خان** جي مٿي تي اِمامت جي پڳ

---

[1] فتوحات، جلد:3، صفحہ:297-

ٻڌائي وئي ۽ کين **قُطب الاِرشاد** جي منصب تي فائز ڪيو ويو. منهنجي نظرن ۾ اجا بہ اهو منظر محفوظ آهي، بس انهي ڏينهن کان **احمد رضا** جي ڳولها ۾ آهيان.[1]

سُبْحٰنَ الله الله پاڪ اسان جي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نوراني تُربت تي ڪروڙن جي تعداد ۾ رحمتون نازل فرمائي. هي تہ هڪ شخص جي گواهي آهي. اَلحَمْدُلله! اُن زماني جي وڏن وڏن ولي سڳورن کي بہ اها خبر هئي ۽ ٻين کي بہ ٻڌائيندا هئا تہ **اعليٰ حضرت امام اهلسنت امام احمدرضا خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **هن دور جا قُطب الارشاد آهن.**

جانتے تھے تجھے قطب واَبدال سب — کرتے تھے مجذوب وسالک اَدَب
تیری چوکھٹ پہ خم اَہلِ دِل کی جبیں — سیدی مرشدی، شاہ احمد رضا

صوفیِ باصَفا — ہیں رضا ہیں رضا — صاحب اِتّقا — ہیں رضا ہیں رضا
خوبرو خوش ادا — ہیں رضا ہیں رضا — دِلبر و دلربا — ہیں رضا ہیں رضا

## اعلي حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه ننڍپڻ کان ئي مبلغ هئا

سيّدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پاڪيزه سيرت کي ڏئنو وجي تہ خبر پوي ٿي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ذات ۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ، بُرائي کان منع ڪرڻ ۽ اُمَّت جي اصلاح جو جذبو(*Passion*) تمام گهڻو هو. سندن ننڍپڻ جو واقعو مشهور آهي. هڪ ڀيري اُستاد صاحب مَدرسي ۾ ٻارن کي سبق پڙهائي رهيا هئا، سيّدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ انهن ٻارن ۾ موجود سبق پڙهي رهيا هئا، ايتري ۾ هڪ ٻار ڪلاس ۾ داخل ٿيو، اُن استاد صاحب کي سلام ڪيو، اُستاد صاحب جي زبان مان نڪتو: **سلامت رهو** هي ٻڌي ڪري اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چرڪي

---

1 فيضانِ اعلیٰ حضرت ،صفحہ: 324 بتغير

پيا، اُستاد صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪيائون: اُستاد محترم! سلام جي جواب ۾ وَعَلَيْكُمُ السَّلَام چوڻ گهرجي.

اُستاد صاحب بہ نيڪ انسان هو، اُن ننڍڙي مبلغ يعني اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي زبان مان اصلاحي جملو ٻڌو تہ ناراض نہ ٿيا بلڪ خوش ٿي پنهنجي هونهار شاگرد کي ڪيترن ئي دعائن سان نوازيائين.[1]

وہ جس کے زُہد و تقویٰ کو سراہا شان والوں نے
کہا یُوں پیشواؤں نے ہمارا پیشوا تم ہو
حقیقت ہے ملے ہیں دین و ایماں آپ کے گھر سے
شریعت کے محافظ اے شہِ احمد رضا تم ہو

## منافق جي هڪ علامت

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مان هڪ تہ اسان جي لاءِ هي درس آهي تہ اسان کي بہ گهرجي تہ جڏهن ڪو چڱي ڳالھ چئي، اسان کي سمجهائي، غلطي ٻڌائي يا نيڪي جي دعوت ڏي تہ مسڪرائي اُن جي ڳالھ تسليم ڪري پنهنجي اصلاح (*Refinement*) ڪندا ڪريون. اسان وٽ عام طور ماڻهو ناراض ٿي ويندا آهن، پنهنجي عُمر، منصب، عهدي يا اسٽيٽس وغيره جي پوشاڪ ۾ لڪي پنهنجي اصلاح کان محروم ٿي ويندا آهن

ڪي نادان تہ اصلاح ڪرڻ واري جي بي عزتي بہ ڪري وجهندا آهن تہ پنهنجي عُمر تہ ڏس! توکي ايتري جاڻ ئي ناهي! ڪالهوڪو ٻار مون کي سمجهائڻ آيو آهي وغيره. اهڙن کي سنڀلجي وڃڻ گهرجي، سرڪار عالي وقار، مکي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ زماني ۾ هڪ منافق هو، الله پاڪ اُن جي بُري

1 حیاتِ اعلیٰ حضرت، جلد:1، صفحہ:107 بتغیر

صفتن جي بيان ۾ فرمايو:

وَاِذَا قِيْلَ لَهُ اتَّقِ اللّٰهَ اَخَذَتْهُ الْعِزَّةُ بِالْاِثْمِ فَحَسْبُهٗ جَهَنَّمُ ؕ وَلَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿۲۰۶﴾

(پارہ:2،سورۂ بقرہ:206)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ جڏهن ان کي چيو وڃي ته الله کان ڊڄ ته ان کي ضد ويتر گناهہ تي اُڀاري ٿو ته اهڙي کي جهنم ڪافي آهي ۽ اهو ضرور تمام برو ٺڪاڻو آهي.

تفسير صراط الجنان ۾ هن آيت جي حوالي سان آهي: منافق انسان جي هڪ علامت هي هوندي آهي ته جيڪڏهن اُن کي سمجهايو وڃي ته پنهنجي ڳالهه تي ضد ڪري ويهي رهندو آهي، ٻين جي ڳالهه تسليم ڪرڻ پنهنجي لاءِ توهين سمجهندو آهي، نصيحت ڪئي وڃڻ کي پنهنجي عزّت جو مسئلو بڻائيندو آهي. افسوس....!!! اسان وٽ اهڙن ماڻهن جي ڪثرت آهي، گهرن ۾ ڏسي وٺو ته ڇوڪري ۽ جا مائٽ ڇوڪري يا ان جي گهر وارن کي نٿا سمجهائي سگهن، ننڍي خاندان وارا وڏي خاندان وارن کي نٿا سمجهائي سگهن، مسجدن ۾ ڪو نوجوان عالم يا ديني مبلغ بزرگ شخص کي نٿو سمجهائي سگهي، جنهن کي سمجهايو اهو ئي ڳچي ۾ پئجي وڃي ٿو. الله پاڪ اسان جي حال جي اصلاح فرمائي.(1)

## بدترين شخص ڪير......؟

تفسير نعيمي ۾ آهي: بدترين شخص اهو آهي جيڪو نصيحت جي ڳالهه يا ربّ ڪريم جو نالو ٻُڌي ڪري ابتو ناراض ٿي وڃي.(2)

فَحَسْبُهٗ (پارہ:2،سورۂ بقرہ:206) ترجموڪنزالعرفان: ته اهڙي کي جهنم ڪافي آهي

صحابي رسول حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: الله پاڪ وٽ وڏن

1 تفسير صراط الجنان،پاره :2،سورۂ بقره ،تحت الآية :206 ،جلد:1 ،صفحه:323

2 تفسير نعيمی،پاره:2 ،سورۂ بقره ،تحت الآية:206 ،جلد:2 ،صفحه: 335

گناهن مان هڪ هيءُ به آهي ته ڪنهن کي جڏهن چيو وڃي ته الله پاڪ کان ڊڄ! ته هُو اڳيان کان جواب ڏي: تو پنهنجي فڪر ڪر......!! ڇا تو جهڙو ماڻهو مون کي حڪم ڏيندو؟.[1]

الله پاڪ اسان کي اصلاح قبول ڪرڻ وارو بڻائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی! | بُری عادتیں بھی چھڑا یاالٰہی!
خطاؤں کو میری مِٹا یاالٰہی! | مجھے نیک خصلت بنا یاالٰہی!
مُطیع اپنا مجھ کو بنا یاالٰہی! | سدا سُنّتوں پر چَلا یاالٰہی!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي عادت بڻايو!

سيّدي اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ننڍپڻ شريف جي حڪايت مان پيو مدني گُل هي مليو ته مُبلغ هر جڳهہ مبلغ هوندو آهي، اسان کي نيڪي جي دعوت عام ڪندو رهڻ گهرجي، غلطي ڪنهن سان ناهي ٿيندي؟ انبياءِ ڪرام کان علاوه سيئي انسان غيرمعصوم آهن، ڪو وڏو هجي يا ننڍو، ڊاڪٽر هجي يا انجنيئر، واپاري هجي يا گراهڪ، سيٺ هجي يا نوڪر، غلطي سيني کان ٿي سگهي ٿي، جيڪڏهن اسان موقعي جي مناسبت سان، سامهون واري جي نفسيات کي سمجهي ڪري، حڪمت عملي سان هڪٻئي کي نيڪي جي دعوت ڏيندا رهنداسين ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! غلطين ۽ گناهن ۾ گهڻتائي اچي ئي ويندي.

## نيڪي جي دعوت ڏيڻ هر مسلمان جي اَساسي ذميداري آهي

هونئن به نيڪي جي دعوت ڏيڻ، بُرائي کان منع ڪرڻ هر مسلمان جي اَساسي

---

1 تفسير در منثور،پاره:2، سورهٔ بقره ،تحت الآية:206 ،جلد:1 ،صفحه:575

ذميدارين مان اَهم ذميداري(*Responsibility*) آهي **قرآن ڪريم ۾ سيپاري: 10 سوره توبہ ۾ هڪ هنڌ الله پاڪ** منافقن ۽ ايمان وارن جا الڳ الڳ وصف ذڪر فرمايا آهن.

منافقن جي متعلق فرمايو:

| | |
|---|---|
| يَاْمُرُوْنَ بِالْمُنْكَرِ وَ يَنْهَوْنَ عَنِ الْمَعْرُوْفِ<br>(پارہ:10،سورۂ توبہ:67) | **ترجموڪنزالعرفان:** برائي جو حڪم ڏين ٿا ۽ ڀلائي کان منع ڪن ٿا. |

يعني هي منافقن جو ڪم آهي جوتہ هُو برائي جو حڪم ڏيندا آهن ۽ ڀلائي کان روڪيندا آهن. جڏهن تہ عاشقانِ رسول مسلمانن جو وصف بيان ڪندي الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ الْمُؤْمِنُوْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتُ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ۘ يَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَ يَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ<br>(پارہ:10،سورۂ توبہ:71) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ مسلمان مرد ۽ مسلمان عورتون هڪٻئي جا ساٿي آهن، ڀلائيءَ جو حڪم ڏيندا آهن ۽ بُرائي کان منع ڪندا آهن. |

يعني مسلمان مرد ۽ مسلمان عورتون پاڻ ۾ ياٸر پيئر آهن، مرد مردن سان عورتون عورتن سان الله پاڪ جي رضا جي لاءِ محبت رکنديون آهن ۽ مسلمانن جو هي اعليٰ وصف آهي تہ هي پاڻ ۾ هڪٻئي کي نيڪي جي دعوت ڏيندا ۽ برائي کان منع ڪندا آهن.

افسوس! افسوس......!! هاڻي اسان جا حالات انتهائي خراب ٿي چڪا آهن، ماڻهو گناه ڪرڻ ۽ گناهن جي ترغيب ڏيارڻ ۾ بلڪل شرم محسوس نٿا ڪن، بيحيائي جي ڪمن کي فيشن (*Fashion*)۽ جدّت جو نالو ڏئي ان کي اپنائڻ جي

لاءِ هڪبئي کي تيار ڪيو وڃي ٿو. ايتري تائين جو والدين پنهنجي اولاد کي دين کان دور، ماڊرن(*Modern*) ۽ آزاد خيال ڏسي ڪري خوش ٿيندا آهن، حوصله اَفزائي به ڪندا آهن پر افسوس! نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۾ اڪثر ڪيئي مسلمان شرمائيندا آهن.

تھا جو ناخوب بتدریج وہی خُوب ہوا

افسوس!افسوس....!! هاڻي ماڻهن حقيقي مسلمانن وارا ڪم ڇڏي ڏنا آهن! هي ڪم ڪن ٿا ته شرم اچين ٿو ۽ منافقن وارو ڪم ڪرڻ ۾ بلڪل شرم ۽ عار محسوس نٿا ڪن. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. [1] هڪ ڏينهن سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اُن وقت توهان جو حال ڇا ٿيندو جڏهن توهان بُرائي جو حڪم ڏيندؤ ۽ نيڪي کان روڪيندؤ؟ صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڇا ايئن ٿيندو؟ فرمايائون: ها! اُن ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي، هن کان وڌيڪ برو حال ٿيندو. الله پاڪ فرمائي ٿو: مون کي پنهنجي ذات جو قسم! مان(اُن وقت) انهن تي اهڙو فتنو مُقرّر ڪندس جو اُن ۾ سمجهدار ماڻهون به حيران ٿي ويندا. [2]

## اعليٰ حضرت خود بخود نيڪي جي دعوت ڏني

اَلحمدُلله! اسان جا آقا اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪامل مبلغ هئا. پاڻ سڄي حياتي اُمَّت جي اصلاح ۾ گذاري ڇڏي. ڏينهن هجي يا رات، سفر هجي يا قيام، پاڻ لکي ڪري، ڳالهائي ڪري، بيان جي ذريعي، پنهنجي عمل جي ذريعي صرف نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مشغول هوندا هُئا. ايستائين جو نيڪي جي دعوت ڏيڻ ، بُرائي کان منع ڪرڻ اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي طبيعت جو حصو بڻجي

[1] تفسير صراط الجنان،پاره: 10، سورۃِ توبه،تحت الآية: 67، جلد:4، صفحه: 171- 172 ملخصاً

[2] موسوعة امام ابن ابى الدنيا ، جلد:2، صفحه: 202، حديث:31

چکي هئي. سيّدي اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ٻي ڀيري حج جي سفر جو واقعو آهي ته جمعي جو ڏينهن هو، اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جمعي جي نماز پڙهڻ جي لاءِ ڪنهن مسجد شريف ۾ پهتا، اُتي خطيب صاحب خطبي جي دوران هڪ جملو ڳالهايو جيڪو شرعي طور درست نه هو.

نه شهر پنهنجو، نه وطن پنهنجو، مٿان وري پريل مسجد، عوام جو اجتماع، خطيب صاحب خطبو پڙهي رهيو آهي، خطيب جو به پنهنجو رُعب دٻدٻو هوندو آهي، اهڙي حالات ۾ انسان کي گهبراهٽ به ٿيندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن خوف به ٿيندو آهي ته ڪٿي مان هيڏي اجتماع ۾ غلطي ٻڌائيندس ته ماڻهو نه ڄاڻ مون سان ڪهڙو رويو (*Behavior*) اختيار ڪندا؟ پر قربان وڃو! اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي طبيعت مبارڪ ئي اهڙي هئي، بُرائي کي ڏسندي ئي اصلاح نه ڪرڻ ڪين پسند ئي نه هو. بهرحال جيئن ئي خطيب صاحب شريعت جي خلاف جملو ڳالهايو، سيّدي اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي زبان مبارڪ مان بلند آواز سان خودبخود نڪتو: اَللّٰهُمَّ هٰذَا مُنۡكَر ياالله! هي بُرو آهي.

هي واقعو بيان ڪرڻ کان بعد اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو بُرائي کي ڏسي اُن کي پنهنجي هٿ سان بدلي ڇڏي، جيڪر اُن جي طاقت نه ٿو رکي ته زبان سان روڪي، جيڪڏهن زبان سان به نٿو روڪي سگهي ته دل ۾ برو سمجهي ۽ هي ايمان جو اَدنيٰ درجو آهي.[1] اَلۡحَمۡدُ لله! الله پاڪ جي توفيق سان مون هن حڪم جي بجا آوري وچولي درجي يعني زبان سان روڪي ڪري ڪئي ۽ الله پاڪ جي رحمت شامل حال رهي جو ڪنهن کي منهنجي سامهون ڪجهه چوڻ جي جرئت نه ٿي بلڪ اهڙي طرح نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ خطري کان محفوظ رهڻ تي اتان جي عالمن مون کي مبارڪون ڏنيون.[2]

---

1 مسلم، كتاب الايمان، باب بيان كون النهي عن المنكر،صفحه: 42 ، حديث :49 ـ

2 ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، صفحه: 203 بتغير قليل

تُو نے باطِل کو مٹایا اے امام احمد رضا! | دِین کا ڈنکا بجایا اے امام احمد رضا!
اَہلِ سُنّت کا چمن سرسبز تھا، شاداب تھا | تازگی تُو اور لایا اے امام احمد رضا!
تُو نے باطِل کو مٹا کر دِین کو بخشی جِلا | سُنّتوں کو پھر جِلایا اے امام احمد رضا!
حشر تک جاری رہے گا فیض مرشد آپ کا | فیض کا دریا بہایا اے امام احمد رضا!

عاشقِ اولیا | ہیں رضا ہیں رضا | زینتِ اَتقیا | ہیں رضا ہیں رضا
عالمِ باعمل | ہیں رضا ہیں رضا | مفتیِ بے بدل | ہیں رضا ہیں رضا

## نيڪي جي دعوت حڪمت عملي سان ڏيو

هتي هڪڙي وضاحت ڪندو هلان! اعلي حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ مَاشَآءَ اللّٰہ! تمام وڏي شخصيت هئا، سندن علمي مقام ۽ مرتبو نهايت اوچو هو، سڄي دنيا جا وڏا وڏا عالم سڳورا سندن علمي شان ۽ شوڪت سان بيحد متاثر (*Impress*) هئا، وري ان سان گڏوگڏ اعلي حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ولي ڪامل به هئا، پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ اهڙي طرح خطيب کي غلطي ٻڌائي ڪيس نيڪي جي دعوت ڏني، هي اعلي حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جهڙي وڏي رتبي واري شخصيت ئي جو ڪم آهي، اسان جهڙا عام ماڻهو جيڪڏهن ائين امام مسجد يا خطيب صاحب کي ٽوڪينداسين ته مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا. هونئن به پاڻ کان وڏن جي ڪنهن معاملي ۾ اصلاح ڪرڻي هجي ته نهايت احتياط ۽ حڪمت عملي ۽ باادَب طريقي سان ڪرڻ ۾ ئي عقلمندي آهي.

خدایا ہو کرم ایسا، بجا دوں ان کی سُنّت کا | جہاں میں چار سُو ڈنکا، گدائے اعلیٰ حضرت ہوں
خُدا! احمد رضا خاں کے، چلوں نقشِ قدم پر میں | عطا توفیق تُو فرما، گدائے اعلیٰ حضرت ہوں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اعلي حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جي ڪمال حڪمت عملي

سيّدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه به پاڻ کان وڏن ۾ معزز شخصيتن جي تمام احتياط سان اصلاح ڪندا هئا. مارهره شريف اعلي حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جو پيرخانو آهي، اُتان جو سجاده نشين حضرت مهدي حسن ميان رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائي ٿو: مان جڏهن به بريلوي شريف ايندو هيس ته اعلي حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه منهنجي لاءِ پاڻ ماني آڻيندا هئا ۽ هٿ به ڌورائيندا هئا. هڪ ڀيرو مان بريلوي شريف پهتس، مون کي سون جي منڊي ۽ ڇلا پاتل هئا. عادت مطابق اعلي حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه منهنجا هٿ ڌورائڻ لڳا ته فرمايائون: شهزاده حضور! هي منڊي ۽ ڇلا مون کي ڏئي ڇڏيو! مون لاهي ڏئي ڇڏيا.

پوءِ بريلوي شريف ۾ جدول (*Schedule*) مڪمل ٿيڻ کان بعد مان ممبئي هليو ويس. ممبئي کان جڏهن مارهره شريف واپس آيس ته منهنجي ڏيءَ مون کي ٻڌايو ته: باباسائين! بريلوي شريف جي مولانا صاحب(يعني اعلي حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه) وٽان پارسل آيو هو، جنهن ۾ ڇلا، سون جي منڊي ۽ هڪ خط هو، خط ۾ لکيل هو: شهزادي صاحبه هي ٻئي زيور اوهان جا آهن. (1) غور ڪيو!! سيدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه ڪيتري پياري حڪمت عملي سان سجاده نشين جي اصلاح فرمائي. ضروري ناهي ته جنهن سون جي منڊي پاتي هجي، اسان ان کان لهرائي سندن گهر موڪلي ڇڏيون، جڏهن ته جهڙو موقعو هوندو آهي اهڙو انداز اختيار ڪبو آهي.....!!!!!! الله پاڪ اسان کي حڪمت عملي جي دولت عطا فرمائي.

اڇو! بارگاهِ رسالت ۾ استغاثو پيش ڪيون ٿا:

---

[1] حياتِ اعلیٰ حضرت،جلد:1 ،صفحہ:149بتغير قليل

عطا کر دو مجھے اسلام کی تبلیغ کا جذبہ
میں بس دیتا پھروں نیکی کی دعوت یارسولَ اللہ!
مجھے تم مسلکِ احمد رضا پر استقامت دو
بنوں خدمت گزارِ اہلِ سُنّت یارسولَ اللہ!

**اي عاشقانِ رسول**! يادرکو! مردن جي لاءِ سون جي منڊي، لاڪٽ، ڪڙو ۽ چلو وغيره پائڻ جائز ناهي. ❁ اڄڪلھ اسان وٽ ڪجھ ماڻھو شوق سان سون يا ٻيون مختلف ذات جون منڊيون، چلا وغيره پائيندا آهن، هي ناجائز، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. [1] ❁ مرد جي لاءِ اها ئي منڊي جائز آهي جيڪا مردن جي منڊي جيان هجي يعني صرف هڪ نڳ (*Stones*)واري هجي ۽ جيڪڏهن اُن ۾(هڪ کان وڌيڪ يا) ڪيترائي نڳ هجن تہ جيتوڻيڪ اها چاندي ئي جي هجي، مرد لاءِ جائز ناهي. ❁ چاندي(*Silver*) جي هڪ نگيني واري جيڪا وزن ۾ ساڍا چار ماشا کان گهٽ هجي پائڻ جائز آهي. ❁ عورت سون چاندي جون جيتريون بہ منڊيون ۽ چلا پائڻ چاهي تہ پائي سگهي ٿي، هن ۾ وزن ۽ نگيني جي تعداد جي ڪا قيد ناهي. لوھ جي منڊي تي چاندي جو پاڻي چڙهايو جو لوھ بلڪل بہ نظر نٿو اچي، ان منڊي جو پائڻ (مرد ۽ عورت مان ڪنهن ڪي بہ) منع ناهي. [2]

## سيّد سڳوري کي سمجهائڻ جو انداز

هڪ سيّد صاحب تنگدستي ۾ مبتلا هو، اهو سيدي اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سان اڪثر ملڻ لاءِ ايندو هو ۽ ڳالهين ڳالهين ۾ پنهنجي تنگدستي ۽ غُربت جي شڪايت بہ ڪندو هو. هڪ ڏينهن اهو سيّد صاحب تشريف ڪٺي آيو تہ تمام گهڻو پريشان هو.

[1] بہارِشریعت ،جلد:3، صفحہ: 426 -428، حصہ:16 ملتقطاً

[2] 550سنتیں اور آداب، صفحہ:57-58ملتقطاً

سيّدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سمجهائڻ جو انداز صد مرحبا.....!! پاڻ ڪمال حڪمت عملي سان سيد سڳوري کي سمجهائيندي فرمايو: صاحبزاده! هي ارشاد فرمايو تہ جنهن عورت کي مڙس طلاق ڏني هجي، چا اها پٽ جي لاءِ حلال ٿي سگهي ٿي؟ سيّد صاحب فرمايو: نہ. اُن تي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: هڪ پيرو اوهان جا جدِ اعلي مسلمانن جا چوٿان خليفہ حضرت علي المرتضي، شيرخدا اڪيلائي ۾ پنهنجي مبارڪ چهري تي هٿ گهمائي فرمايو: اي دنيا! ڪنهن ٻي کي دوکو ڏي، مان توکي اهڙي طلاق ڏني آهي جنهن ۾ ڪڏهن بہ صلح جي راهہ ناهي. پوءِ اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: شهزاده حضور! چا هن قول کان بعد بہ سيّد سڳورن جو غُربت ۽ سُجائي ۾ مبتلا ٿيڻ تعجب جي ڳالهہ ناهي؟ سيّد سڳوري چيو: وَاللّٰہ (الله جو قسم) اوهان جي هنن ڳالهين مون کي دلي طور سڪون پهچايو آهي، الحمدلله! ان کان پوءِ سيّد سڳوري ڪڏهن بہ پنهنجي غُربت جي شِڪوا نہ ڪئي. [1]

| | |
|---|---|
| ایمان پا رہا ہے حلاوت کی نعمتیں | اور کفر تیرے نام سے لرزاں ہے آج بھی |
| بھر دِی دِلوں میں الفت و عظمت رسول کی | جو مخزنِ حلاوتِ ایماں ہے آج بھی |
| وابستگان کیوں ہوں پریشان اُن پہ جب | لطف و کرم کا آپ کے داماں ہے آج بھی |

## علم غيب جو مسئلو سمجهہ ۾ اچي ويو

هڪ پيري سيّدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ هڪ شخص کي حاضر ڪيو ويو، هي شخص پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ جي علم غيب جي متعلق مُونجهاري جو شڪار هو، اُن اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ سوال ڪيا، سيّدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نهايت نرمي، پيار سان قرآن ۽ حديث مان دليل ڏئي اُن کي سمجهايو.

---

[1] ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،صفحہ:127 بتغير

اَلحَمۡدُلله! اهو شخص جنهن مُونجهاري ۾ مبتلا هو، اهو دور ٿي ويو. ڪجھ ڏينهن ڪان پوءِ هڪ حافظ صاحب اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: سائين! اهو شخص(جنهن کي علمِ غيب جي مسئلي ۾ شڪ ۽ شبهو هو، اهو) جڏهن هتان ڪان ويو ته واٽ تي چوڻ لڳو: اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جون ڳالهيون منهنجي دل کي وڻيون آهن، هاڻي مان اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! سندس مريد ٿيندس.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| خائفِ کبریا | ہیں رضا ہیں رضا | عاشقِ | مصطفےٰ | ہیں رضا ہیں رضا |
| سنّیوں کے پیشوا | ہیں رضا ہیں رضا | رہبر | و رہنما | ہیں رضا ہیں رضا |

## نرمي سان سمجهائڻ جا فائدا

حافظ صاحب جڏهن ٻڌايو ته ان شخص کي مسئلو سمجھ ۾ اچي ويو آهي ۽ هاڻي هُو اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو مريد ٿيڻ ٿو چاهي، هن تي اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مدني گُل ڏيندي فرمايو: ڏسو! نرمي جا جيڪي فائدا آهن اُهي سختي سان هرگز حاصل نٿا ڪري سگهجن. جيڪڏهن اُن شخص کي سختي سان سمجهايو وڃي ها ته هُو شايد ڪڏهن به صحيح مسئلو سمجهي نه سگهي ها، وڌيڪ فرمايائون: جن ماڻهن جا عقيدا ڊانوا ڊول هجن، اُنهن سان نرمي وارو ورتاءُ ڪرڻ گهرجي ته جيئن هُو عقيدي ۾ صحيح ٿي وڃن.[1]

مصطفےٰ کا وہ لاڈلا پیارا، واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی!
غوثِ اعظم کی آنکھ کا تارا، واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی!
علم و عرفاں کا جو کہ ساگر تھا، خیر سے حافظِہ قَوی تَر تھا
حق پہ مبنی تھا جس کا ہر فتویٰ، واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی!

---

[1] ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،صفحہ:90

اس کی ہستی میں تھا عمل جوہر، سُنّتِ مصطفےٰ کا وہ پیکر
عالمِ دِین، صاحِبِ تقویٰ، واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی!
جس نے دیکھا انہیں عقیدت سے، قلب کی آنکھ سے محبّت سے
مرحبا! مرحبا! پُکار اُٹھا، واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی!

## نگاهن سان نيڪي جي دعوت

پيارا اسلامي ڀائرو! سيّدي اعلي حضرت، امام اهلسنت شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪامل ولي هُئا. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن ڪرامت ذريعي بہ ٻين جي اصلاح فرمائيندا هئا. جيئن تہ 1329هجري جي ڳالهہ آهي، اعلي حضرت، امام اهلسنت شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه علامہ شاه وصي احمد صُورتي وٽ رڪيل هئا، اُن دوران سيّد فرزند علي صاحب اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سان ملڻ جي لاءِ آيو، سيّد صاحب جي ڏاڙهي ڪوڙيل هئي. اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪافي دير تائين گهري نظرن سان سيّد صاحب جي چهري مبارڪ کي تڪيندا رهيا. سيّد صاحب فرمائن ٿا: پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي نگاهن مون کي شرمسار ڪري ڇڏيو، ايئن معلوم ٿي رهيو هو تہ هڪ عاشق رسول مون کي ڏاڙهي رکڻ جي خاموش هدايت ڪري رهيو آهي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! مون کي هدايت ملي وئي ۽ مون ڏاڙهي ڪوڙائڻ کان توبہ ڪري ورتي.[(1)]

سبحٰن الله! ڇا شان تہ آهي اسان جي آقا اعلي حضرت رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جو......!!

تم ہو سراپا شمعِ ہدایت، مُحْیِ سُنّت اعلیٰ حضرت
تم ہو ضیائے دِین و ملّت، مُحْیِ سُنّت اعلیٰ حضرت
کر دی زِندہ، سُنّتِ مردَہ، دِینِ نبی فرمایا تازہ

---

[1] حياتِ اعلیٰ حضرت ،جلد:3 ،صفحہ:238 بتغير

مولیٰ، مجدّدِ دِین و ملت، مُحیِ سُنّت اعلیٰ حضرت

## اعلي حضرت ۽ علمي مذاڪرو

پيارا اسلامي ڀائرو! اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سڄي زندگي نيڪي جي دعوت عام ڪندي گذاري ڇڏي، انفرادي اصلاح ۽ معاشري جي اصلاح جي لاءِ اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪيترن ئي طريقن سان ڪم ڪيو، نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۽ ماڻهن تائين علمِ دين جو نُور پهچائڻ جي حوالي سان سيّدي اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو هڪ تمام پيارو معمول هو جو پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه علمي مدني مذاڪرو فرمائيندا هئا. اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو روزانو معمول مبارڪ هو تہ عصر جي نماز پڙهي ڪري گهر ۾ ويهڪ واري هنڌ ڪٺ رکي تشريف فرما ٿيندا هئا، چوڌطرف ڪرسيون رکيل هونديون هيون، ماڻهن زيارت جي لاءِ ايندا ۽ ڪرسين تي ويهي ويندا هئا، اُن دوران زيارت لاءِ اچڻ وارا پنهنجون حاجتون پيش ڪندا هئا، سندن حاجتون پوريون ڪيون وينديون هيون، هر هڪ جي تواضع (يعني خيرخواهي) ڪئي ويندي هئي، عُلوم ۽ فنون ۽ برڪتن جا درياء جاري ٿيندا هئا، ماڻهو مختلف سوال پڇندا ۽ پنهنجا علمي مونجهارا پيش ڪندا هئا، اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه انهن جا جواب ارشاد فرمائيندا هئا، ايئن اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي علمي ڪماليت مان عوام توڙي علماء سيئي فيضياب ٿيندا هئا. (1)

اَلۡحَمۡدُ لله! عاشق اعليٰ حضرت، شيخ طريقت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه بہ هر ڇنڇر تي عشاء جي نماز کان بعد مدني چينل تي مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن جنهن ۾ سڄي دنيا مان عاشقانِ رسول مختلف موضوعن تي سوال ڪندا آهن ۽ اميراهلسنت قرآن ۽ حديث ۽ پنهنجي تجربن جي روشني ۾ علم ۽ حڪمت سان ڀريل جواب

[1] آقا صَلَّى اللهُ عليہ وَآلِہٖ و سَلَّم کا جدول ،صفحہ:33 ، 34 بتغير -

ارشاد فرمائيندا آهن. ڇڻ تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي علمي مذاڪري واري انداز ڪي باقي رکيو آهي.

## اعليٰ حضرت جو هڪ علمي مذاڪرو

28 رجب المرجب، سن 1337 هجري، جمعي جو پلاورو ڏينهن هو، سيّدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جبل پور ۾ تشريف فرما هئا، عصر جو قريبي وقت هو، مريد ۽ عاشقَ جمع ٿي ويا، مختلف علمي سوالن جوابن جو سلسلو شروع ٿيو، سيّدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اُن دوران بدمذهبن ۽ بُري ماڻهن جي صحبت کان بچڻ جي متعلق مدني گل ارشاد فرمايا.

اعليٰ حضرت جا صاحبزاده علامہ مصطفي رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هن مجلس ۾ ڪجهہ اهڙا ماڻهن بہ هئا جيڪي بدمذهبن جي صحبت ۾ ويهندا هئا، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جون قيمتي نصيحتون ٻُڌي ڪري هُو دل ئي دل ۾ پاڻ ڪي ملامت ڪندا رهيا، ۽ ڪڏهن ڪهڙي ڪندڊ مان تہ ڪنهن مان توبہ ۽ اِستغفار جا آواز بہ اچي رهيا هئا، هن موقعي تي هڪ صاحب ندامت سان اٿيو ۽ سيّدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي پيرن تي ڪري توبہ ڪرڻ لڳو.

اُن تي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: پيارو! هي وقت نزول رحمت جو آهي، سيئي پنهنجي پنهنجي گناهن کان توبہ ڪن، جن جا لڪيل گناهہ آهن، اهي دل ئي دل ۾ توبہ ڪن ۽ جن جا علي الاعلان گناهہ آهن، سي وري اعلانيہ توبہ ڪن. سچي دل سان توبہ ڪيو چوتہ الله ربّ العزت اهڙي ئي دعا قبول ڪندو آهي مان دعا ڪريان ٿو تہ الله پاڪ اوهان سيني ڪي استقامت عطا فرمائي.

سيّدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي هنن چند جملن محفل جو رنگ ئي بدلائي ڇڏيو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي زبان مبارڪ جو اثر اهڙو هو جو ماڻهو اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳا، عجيب پُرڪيف منظر هو، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پاڻ بہ روئي روئي

مغفرت جون دعائون گهري رهيا هئا.[1]

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي صاحبزادي جي وضاحت جي مطابق هن موقعي تي 107 ماڻهن پنهنجي گناهن کان توبہ ڪئي ۽ نيڪ راهه جا راهي ٿيا.

سُنّتوں کو جِلا دیا جس نے، دِیں کا ڈنکا بجا دیا جس نے
وہ مجدّد ہے دِین و ملتؔ کا، واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی!
جو ہے اللہ کا ولی بےشک، عاشِقِ صادِقِ نبی بےشک
غوثِ اعظم کا جو ہے متوالا، واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی!
جس نے اِحقاقِ حق کیا کھل کر، رَدِّ باطِل کیا سدا کھل کر
جو کسی سے کبھی نہ گھبرایا، واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی!

الله پاڪ سيّدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي صدقي اسان کي بہ سچي پڪي توبہ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِیۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## اعليٰ حضرت جون نصيحتون

سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان مختلف موقعن تي سوال ٿيا ۽ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هنن جا زباني جواب ارشاد فرمايا، اعليٰ حضرت جا صاحبزاده مفتي اعظم، حضرت علامہ مصطفي رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **ملفوظات اعلي حضرت** جي نالي سان انهن سيني سوال جوابن کي هڪ ڪتاب ۾ جمع ڪيو آهي.

نهايت دلچسپ ۽ معلوماتي ڪتاب آهي، الحمدلله! دعوتِ اسلامي جي شعبي المدينة العلميہ (***Islamic Research Center***) هن تي ڪم ڪيو آهي، هي ڪتاب مڪتبةالمدينہ تان قيمت ڏئي طلب فرمايو.

---

[1] ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،صفحہ:302 ملخصاً

اچو! ملفوظات اعليٰ مان ڪجهه معلوماتي سوال جواب ٻڌون ٿا:

## رڪوع ۽ سجود ۾ بيهڻ جي مقدار

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي بارگاه ۾ سوال ٿيو: ڇا رڪوع ۽ سجدي ۾ هڪ پيرو سُبۡحٰنَ الله چوڻ جي مقدار بيهڻ ڪافي آهي؟

جواب: سيّدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: ها! رڪوع ۽ سجود ۾ ايترو بيهڻ فرض آهي جو هڪ پيرو سُبۡحٰنَ الله چئي سگهي(يعني هڪ پيرو سُبۡحٰنَ الله چوڻ ۾ جيتري دير لڳي ٿي، اوتري دير تائين رڪوع ۽ سجدي ۾ بيهڻ فرض آهي).[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! نهايت اهم مسئلو آهي، اسان وٽ ڪيئي ماڻهو هن مصيبت ۾ مبتلا آهن: وقت ڪڏي مسجد ۾ ته ايندا آهن، نماز به پڙهندا آهن پر نه ڄاڻ ڪهڙي تڪڙ هوندي اٿن جو اطمينان سان ناهن پڙهندا رڪوع ۾ ويا هڪدم بيهي رهيا ۽ اجا مڪمل بيهندا به ناهن، ته يڪدم سجدي ۾ هليا ويندا آهن، سجدي ۾ به اجا مٿو نه رکيو ته هڪدم ڪٽي ورتو. اهڙي جلدبازن کي سنيلجي وجڻ گهرجي، سيّدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو رڪوع ۽ سجود ۾ تعديل نه ڪري(يعني رڪوع ۽ سجود ۽ قومه ۽ جلسه ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ پيرو سُبۡحٰنَ الله چوڻ جي مقدار نه بيهي)، چاهي 60 سال تائين ايئن نماز پڙهندو رهي، اُن جون نمازون قبول ڪونه ٿينديون.[2] (بلڪ) حديث پاڪ ۾ آهي، (هڪ شخص تڪڙي تڪڙي نماز پڙهي رهيو هو، ان کي ڏسي ڪري ٻنهي جهانن جي سردار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو:) لَوۡ مُتَّ مُتَّ عَلٰى غَيۡرِ الۡفِطۡرَةِ الَّتِیۡ فَطَرَ اللهُ مُحَمَّدًا عَلَيۡهَا يعني جيڪڏهن تون اهڙي حال مُئين ته تون دين محمدي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ

[1] رد المحتار علی الدرالمختار، کتاب الصلاۃ، مطلب:قد یشار الی المثنی، جلد:2، صفحہ:193

[2] ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،صفحہ:63 بتغیر قلیل

وَسَلَّمَ تي نہ مرندي.[1]

الامان و الحفيظ! الامان و الحفيظ...!!

وقتِ آخر جلوۂ محبوب دے | کلمہ پڑھتے پڑھتے نکلے دَم رضا کے واسطے

## نماز پڙهڻ جا ڪجھ ضروري احتياط

سيّدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏيڪ فرمائن ٿا: هڪ شخص مسجد نبوي شريف ۾ حاضر ٿيو ۽ تڪڙ مان جلدي جلدي نماز پڙهيائين، نماز مان فارغ ٿي سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ سلام ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيو، سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اِرْجِعْ فَصَلِّ فَاِنَّكَ لَمْ تُصَلِّ يعني واپس موٽ، ورائي نماز پڙهه، بيشڪ تو نماز ناهي پڙهي.

اُن شخص وري ساڳي وانگر تڪڙ ۾ جلدي جلدي نماز پڙهي، پيهر دربار رسالت ۾ حاضر ٿيو، سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وري ايئن ئي فرمايو: واپس موٽ، ورائي نماز پڙهه ڇوتہ تو نماز ناهي پڙهي. اُن شخص ٽيهر نماز پڙهي، وري اهو ئي ارشاد ٿيو: آخرڪار اُن شخص عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ ! مونکي اهڙي ئي نماز اچي ٿي، اوهان مون کي درست نماز سيکاريو! اُن تي پياري نبي، رسول هاشمي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ فرمايو: رڪوع ۽ سجود اطمينان سان ڪر، رڪوع کان سڌو بيهه ۽ ٻنهي سجدن جي وچ ۾ سڌو ويهه[2]

## بي نمازين جي لاءِ جهنم جي خوفناڪ وادي

اي عاشقانِ رسول! غور و فڪر جو مقام آهي، هي اُن شخص جو حال آهي

---

[1] بخاری،کتاب الاذان،باب اذا لم يتم الرکوع،صفحہ:253 ،حديث:791۔

[2] بخاری، کتاب الاذان، ،صفحہ :246 ،حديث:757 ،ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، صفحہ: 291 بتغير قليل

جيڪو ڪم ڪار ڇڏي، وقت ڪڍي مسجد ۾ ايندو آهي، نماز پڙهندو آهي پر آهستہ آهستہ اطمينان سان ناهي پڙهندو، رڪوع ۽ سجود پورا ناهي ڪندو. هاڻي ٿورو غور ڪيو! اهي نادان جيڪي دنيا ئي ۾ مشغول رهندا آهن، رڪوع ۽ سجود پورا ڪرڻ تہ رهيو پري بلڪل مسجد ئي ۾ ناهن ايندا، نماز پڙهندا ئي ناهن، پنهنجي ربَّ ڪريم جي بارگاهہ ۾ مٿو جهڪائيندا ئي ناهن، هن ڪان وڌيڪ انهن جي بدبختي جو ٻيو ڇا عالم هوندو...!!!

سيپاري 16 سوره مريم، آيت: 59 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو.

| | |
|---|---|
| فَخَلَفَ مِنۢ بَعۡدِهِمۡ خَلۡفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوۡفَ يَلۡقَوۡنَ غَيًّا ﴿۵۹﴾ (پارہ:16، سورۂ مریم:59) | **ترجمو ڪنزالعرفان**: پوءِ انهن جي پٺيان انهن جي جاءِ تي اُهي نالائق ماڻهو آيا جن نمازون ضايع ڪيون ۽ پنهنجي خواهشن جي پٺيان لڳا سو عنقريب اهي جهنم جي خوفناڪ وادي غيّ سان وڃي ملندا. |

معلوم ٿيو: بي نمازي غيّ جو حقدار آهي، غيّ ڇا آهي؟ اعليٰ حضرت جو خليفو، مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن جي وضاحت ڪندي فرمائي ٿو: غيّ جهنم ۾ هڪ وادي آهي، جنهن جي گرمي ۽ گهرائي سڀ ڪان وڌيڪ آهي، هن ۾ هڪ کوهہ آهي، جنهن کي هَب هَب چوندا آهن. جڏهن جهنم جي باهہ وسامڻ لڳندي آهي تہ الله پاڪ ان کوهہ کي کولي ڇڏيندو آهي، جنهن سان جهنم جي باهہ ڀڙڪڻ لڳندي آهي، هي کوهہ بي نمازين، زانين، شرابين، وياج خورن ۽ والدين کي ستائڻ وارن جي لاءِ آهي.[1]

پڑھتے رہو نماز تو جنّت کو پاؤ گے | چھوڑو گے گر نماز جہنّم میں جاؤ گے

## اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نماز جي تلقين فرمائي

[1] بہارِ شریعت،جلد:1،صفحہ:434،حصہ:3، بتغیر قلیل و ملتقطاً

سيّدي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه هڪ سوال جو جواب ڏيندي فرمائن ٿا: جيستائين عقل باقي آهي. ڪنهن وقت ۾ نماز معاف ناهي، سفر جي حالت ۾ يا اهڙي مرض ۾ جنهن ۾ روزو رکڻ جي طاقت نہ هجي، رمضان شريف جي روزن جي قضا ڪرڻ(يعني ان وقت ڇڏي ڪري بعد ۾ رکڻ) جي اجازت آهي.[1]

اهڙي طرح زڪوٰة صاحب نصاب تي ۽ حج صاحب استطاعت تي فرض آهي پر نماز بهرحال سيني تي فرض آهي.[2] جيڪو بيمار آهي، بيهي نٿو سگهي تہ پيت، لٺ يا ڪنهن ماڻهوءَ جي سهاري بيهي نماز ادا ڪري، جيڪو صفا بيهي نٿو سگهي، اهو ويهي نماز پڙهي، جيڪڏهن ويهي بہ نٿو سگهي تہ ليٽي ڪري اشاري سان نماز پڙهي.[3]

**مقصد:** نماز مرڻ وقت تائين معاف ناهي.[4] الله ربُّ العزت فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَاعۡبُدۡ رَبَّكَ حَتّٰى يَاۡتِيَكَ الۡيَقِيۡنُ ﴿۹۹﴾<br>(پاره:14، سورة حجر:99) | ترجموڪنزالعرفان: مرڻ گهڙي تائين پنهنجي ربّ جي عبادت ڪيو. |

هر عبادت سے بَرتَر عبادت نَماز | ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نَماز
قلبِ غمگیں کا سامانِ فَرحت نَماز | ہے مریضوں کو پیغامِ صحّت نَماز
نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ | ربّ سے دلوائے گی تم کو جنَّت نَماز
پیارے آقا کی آنکھوں کی ٹھنڈک ہے یہ | قلبِ شاہِ مدینہ کی راحت نَماز
بھائیو! گر خُدا کی رِضا چاہیے | آپ پڑھتے رہیں باجماعت نَماز

---

[1] ردالمحتار علی الدرالمختار، کتاب الصوم ،فصل فی العوارض،جلد:3 ،صفحه: 462 -465

[2] ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،صفحه:279

[3] حلبی کبیر، الثانی: القیام، صفحه:261 -262، ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،صفحه:279 ملتقطاً

[4] ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،صفحه:279 ملتقطاً

## مُجاهدو ڇاکي چئبو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! ملفوظات اعليٰ حضرت مان هڪ ٻيو معلوماتي سوال ۽ جواب ٻڌون ٿا:

ڪنهن سوال ڪيو: مجاهدي جي ڇا معنيٰ آهي؟ سيّدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن سوال جي جواب ۾ فرمايو: سڄو مجاهدو هن آيت ڪريمه ۾ جمع ڪيو ويو آهي:

| | |
|---|---|
| اَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿۴۰﴾ فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿۴۱﴾<br>(پاره:30، سورهٔ نازعات:40، 41 ) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ رهيو اُهو جيڪو پنهنجي ربّ جي حضور بيهڻ کان ڊنو ۽ نفس کي خواهش کان روڪيو. تہ بيشڪ جنت ئي اُن جو ٺڪاڻو آهي. |

(يعني قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي بارگاه ۾ پيشي کان ڊڄڻ ۽ پاڻ کي خواهشات کان بچائي رکڻ، هي مجاهدو آهي). سيّدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمايو: هي ئي جهاد اڪبر آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: ڪافرن کان جهاد ڪرڻ کان بعد واپس ايندي سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: رَجَعْنَا مِنَ الْجِهَادِ الْاَصْغَرِ اِلَى الْجِهَادِ الْاَكْبَرِ يعني اسان پنهنجي ننڍي جهاد کان وڏي جهاد جي طرف قرياسين. (1)

## سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪارائن ٿا

هن حوالي سان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: هڪ صاحب کي ڏاڙهون کائڻ جي خواهش ٿي. 30 سال گذري ويا پر اُن ڏاڙهون نہ کاڌو، 30 سالن کان بعد هڪ ڏينهن ان کي خواب ۾ سرور عالم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ٿي،

[1] ڪشف الخفاء،جلد:1، صفحه :375، حديث:1360، م لفوظاتِ اعلٰى حضرت،صفحه:157 بتغير قليل

محبوب خدا، امامِ الانبياء فرمايو: اِنَّ لِنَفْسِكَ عَلَيْكَ حَقًّا يعني بيشڪ تنهنجي نفس جو به ڪجھ توتي حق آهي. اهو شخص صبح جو اٿيو ته ڏاڙهون ڪاڏائين. هاڻي نفس کي کير پيئڻ جي خواهش ٿي، اُن تي الله پاڪ جي اُن نيڪ ٻانهي پنهنجي نفس کي سمجهائيندي فرمايو: (**جيئن تو ڏاڙهون کائڻ جي لاءِ 30 سال خواهش ڪئي، ايئن ئي کير پيئڻ جي لاءِ به**) 30 سال انتظار ڪر، پوءِ شايد حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **تشريف کڻي اچن ۽ کير پيئڻ جو حڪم فرمائين**، (تڏهن توکي کير به ملي ويندو) صرف ايترو چوڻ هو ته هڪدم خواهش ختم ٿي وئي.(1)

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! اسان جا بُزرگانِ دين، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ڪهڙي نه نرالي انداز سان پنهنجي نفس کي فضول خواهشن کان روڪي رکندا هئا. افسوس! هڪ اسان آهيون جو رڳو نفساني خواهشن جي پنيان پئجي ويا آهيون. ❁ دل چا تو نماز پڙهي ورتي، نه چيائين ته نه پڙهي ❁ دل چا تو روزو رکيو، نه چيائين ته سمجھ نه رکيو ❁ دل چا تون موبائل فون تي فضول گيمون کيڏڻ جي لاءِ ويهي رهئين؟ ❁ دل چا تون سوشل ميڊيا تي فضول پوسٽون ڏسڻ شروع ڪيون.؟❁ دل چا تون گناهن جي ڪمن ۾ وڃي پئين.؟ رڳو جيڪو دل چيو، ڪرڻ شروع ٿي ويا، ڪڏهن اهو سوچڻ جو وقت ملي ئي نٿو ته دل ۾ جيڪا خواهش پيدا ٿي رهي آهي، اُن جي باري ۾ الله پاڪ ۽ پياري محبوب مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڇا حڪم آهي، دل ۾ ايرڻ واري هن خواهش جو آخرت ۾ ڪو فائدو به آهي يا نه؟ مان دل ۾ ايرڻ وارن هن نفساني خواهش تي عمل ڪري ڪاٿي قبر ۽ آخرت ۾ ڦاسي ته نه پوندس......؟ ايئن غور فڪر ڪرڻ جي عادت اڪثر ناهي هوندي.

## ڪامل ايمان وارو ڪير

الله پاڪ قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو:

| ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اُن کان | وَمَنْ اَضَلُّ مِمَّنِ اتَّبَعَ هَوٰىهُ بِغَيْرِ هُدًى |
|---|---|

[1] ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،صفحہ:157 بتغير قليل

| | |
|---|---|
| مِّنَ اللّٰهِ (پاره:20، سورۂ قصص:50) | وڌيڪ گمراھ ڪير جيڪو الله جي طرفان ھدايت کان سواءِ پنھنجي خواھش جي پيروي ڪري. |

رسولِ اڪرم، نورِ مجسَّم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمايو: لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى يَكُوْنَ ہَوَاہُ تَبِعًا لِمَا جِئْتُ بِہٖ

يعني توھان مان ڪوبہ اُن وقت تائين (ڪامل) مؤمن نٿو ٿي سگھي، جيستائين اُن جون خواھشون منھنجي آندل دين جي تابع نہ ٿي وڃن. [1]

الله پاڪ اسان کي نفساني خواھشن کان بچڻ ۽ پنھنجو ۽ پنھنجي رسول جو فرمانبردار، اطاعت گذار بانھو بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

نفس نے لذّتوں میں پھنسایا مجھ پہ لُطف و کرم ہو خُدایا
دِل سے چاہت مٹا ما سِوا کی میرے مولیٰ تُو خیرات دیدے
میں گناہوں میں لتھڑا ہوا ہوں بد سے بدتَر ہوں بگڑا ہوا ہوں
عفوِ جُرم و قصور وخطا کی میرے مولیٰ تُو خیرات دیدے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان ھڪ ديني ڪم: مدرسة المدينہ بالغان

پيارا اسلامي ڀائرو! دل ۾ عشق رسول جي شمع ٻارڻ، الله ۽ رسول صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانبردار بانھو بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ وڌ کان

[1] السنۃ لابی بکر ابن ابی عاصم،جز:1، صفحہ:46، حديث:15

وڌ حصو ونو، اِن شَآءَ الله الڪرِيم! دِين ۽ دُنيا جون ڪوڙ سارين ڀلائيون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدرسة المدينہ بالغان بہ آهي

الحمد لله! دعوتِ اسلامي تحت مسجدن ۾، اسڪول، ڪاليج ۽ مارڪيٽن وغيره ۾ لڳندڙ مدارِسُ المدينہ ۾ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن کي تجويد سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي ۽ گڏوگڏ بنيادي ضروري اَحڪام و مَسَائل ۽ سنتون ۽ آداب بہ سيکاريا ويندا آهن.

## سُنتن جو عامِل بڻجي ويو

بلوچستان جي رهواسي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي: دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مان گهڻو فيشن پرست هيس، چهري تي ڏاڙهي نہ هئي نہ مٿي تي عمامي شريف جو تاج، سنّت جي راه کان پري دُنيا جي محبت ۾ پنهنجي قيمتي زندگي کي بي عملي ۽ جهالت جي اونداهي ۾ گذاري رهيو هيس. منهنجي زندگي ۾ روشني هن طرح نمودار ٿي جو هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي تجويد سان قرآن پاڪ پڙهڻ جو ذهن ڏنو، نماز عشاء کان پوءِ لڳائي ويندڙ اسلامي ڀائرن جي مدرسة المدينہ ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، مون ان جي نيڪي جي دعوت کي قبول ڪري ورتو ۽ اسلامي ڀائرن جي مدرسة المدينہ ۾ شرڪت ڪرڻ لڳس، الحمد لله! هن جي برڪت سان مون تجويد سان قرآن ڪريم پڙهڻ سکي ورتو ۽ فيشن پرستي ڇڏي سنّتن جو عامل بڻجي ويس.

یہی ہے آرزُو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے تلاوت کرنا صُبح و شام میرا کام ہو جائے

**”مدني قاعِده (Madani Qaida)“ موبائِل ايپليڪيشن**

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊپارٽمنٽ موبائِل ايپليڪيشن بہ جاري ڪئي آهي، هن جو نالو آهي: مدني قاعِده (*Madani Qaida*). هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعِدو ۽ ان جو آڊيو (*Audio*) شامِل ڪيو ويو آهي يعني هن ايپليڪيشن ۾ اوهان مدني قاعدي جي جنهن اکر يا جنهن لفظ تي ڪلڪ (*Click*) ڪندؤ، آڊيو (*Audio*) ۾ ان جو تَلَفُّظ هلندو، ايئن هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان آساني سان مدني قاعِدو پڙهي، هن جي مشق (*Practice*) ڪري دُرُست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. اها ايپليڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪريو، پاڻ بہ فائدو وٺو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## عيادت ڪرڻ جا مدني گل!

عيادت ڪرڻ رسول پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُبارَڪ سنّت آهي، اچو! ان باري ۾ ڪجھ مَدَني گل ٻڌو- ★2 فرمانِ مصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم :{1} عُوْدُوا الْمَرِيضَ يعني مريض جي عِيادت ڪريو [2] {2} جنهن بہ سني طريقي سان وُضو

[1] ...تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

[2] الادب المفرد، ص١٣٧، حديث٥١٨

ڪيو پوءِ ثواب جي نيّت سان پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عِيادت ڪئي ته ان کي جهنّم کان 70 سالن جي فاصلي تائين پري ڪيو ويندو- [1] ٭ بيمار جي عِيادت ڪرڻ سنّت آهي جيڪڏهن معلوم آهي ته عِيادت ڪرڻ ان بيمار شخص کي ننڍي وڏي ته انهيءَ حالت ۾ عِيادت جي لاءِ نه وڃي. [2] ٭ جيڪڏهن بيمار سان اوهان جي دل ۾ ناراض آهيو تڏهن به عيادت ڪريو ٭ سنّت جي پيروي جي نيّت سان عِيادت ڪجي جيڪڏهن رڳو هن جي لاءِ عيادت ڪئي ته جڏهن مان بيمار ٿيان ته هو مون وٽ عيادت جي لاءِ اچي ته ثواب نه ملندو ٭

۞ ڪنهن جي عِيادت جي لاءِ وڃو ۽ مَرَض جي سختي ڏسو ته ان کي ڏيڇارڻ واريون ڳالهيون نه ڪريو مثلاً تنهنجي حالت خراب آهي ۽ نه ئي ان انداز سان مٿو هلايو جنهن سان حالت جو خراب هجڻ سمجهيو وڃي ۞ عيادت جي موقعي تي مريض يا ڏکايل شخص جي سامهون پنهنجي چهري تي رنج ۽ غم جي ڪيفيت ظاهر ڪيو ۞ ڳالهه ٻولهه جو انداز هرگز اهڙو نه هجي جو مريض يا سندس عزيزن کي وسوسا اچن ته هي اسان جي پريشاني تي خوش ٿي رهيو آهي! ۞ مريض جي گهر وارن سان به همدردي جو اظهار ڪريو ۽ جيڪڏهن خدمت يا مدد ڪرڻ چاهيو ته ڪريو ۞ مريض وٽ وڃي ڪري طبعيت پڇو ۽ هن جي لاءِ صحّت ۽ عافيت جي دُعا ڪريو ۞ مريض کان پنهنجي لاءِ دُعا ڪرايو مريض جي دُعا رد ناهي ٿيندي ۞ عِيادت ڪندي موقعي جي مناسبت سان مريض کي نيڪي جي دعوت به پيش ڪجي، خُصوصاً نماز جي پابندي جو ذهن ڏجي چو ته بيماري ۾ ڪيترائي نمازي به نمازن کان غافل ٿي ويندا آهن ۞ مريض جي پرسان گهڻي دير تائين نه ويهو ۽ نه گوڙ ڪريو ها جيڪڏهن بيمار پاڻ ئي دير تائين ويهارڻ جو خواهش مند آهي ته ممڪن هجي ته اوهان هن جي جذبن جو احترام ڪريو ۞ بيمار جي عِيادت جي موقعي تي تحفو ڏيڻ سنو ڪم آهي پر نه ڏيڻ جي صورت ۾

[1] ابوداوٗدج۳ص۲۴۸حديث ۳۰۹۷

[2] بهار شريعت ج۳ص۵۰۵

عِيادت ئي نہ ڪرڻ ۽ دل ۾ هي خيال ڪرڻ تہ جيڪڏهن ڪجهہ نہ ڪٽي ويندس تہ هُو ڇا سوچيندا تہ خالي هٿين عِيادت جي لاءِ آيو آهي. خالي هٿ بہ عِيادت ڪرڻ ئي گهرجي نہ ڪرڻ ثواب کان محرومي جو باعث آهي ۞ توهان عِيادت ڪرڻ جي لاءِ ڪجهہ فروٽ ۽ بسڪيٽ وغيره تحفي طور وٺڻ لڳو تہ مشورو آهي تہ مڪتبۃ المدينہ جا شايع ٿيل ڪجهہ مدني رسالا بہ وٺي مريض کي پيش ڪريو، تہ جيئن اهو ملڻ وارن (۽ جيڪڏهن اسپتال ۾ آهي تہ) پر وارن مريضن ۽ اُن جي عزيزن کي تحفي طور ڏئي، بلڪ خوش نصيبي جو! مريض پاڻ بہ ڪجهہ مدني رسالا هديۃً گهرائي هن ارادي سان پاڻ وٽ رکي ثواب ڪمائي ۞ فاسِق جي عِيادت بہ جائز آهي، ڇو تہ عِيادت اسلام جي حقن مان آهي ۽ فاسق بہ مسلمان آهي.[1]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبۃُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو | ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## جشنِ وِلادت جي باري ۾ مڪتوبِ عطّار

[1] بهار شريعت ج 3، ص 505

## مڪتوبِ عطّار:

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمْ سگِ مدينہ محمدالياس عطّارقادِرِي رَضَوِي عُفِيَ عَنْہُ جي طرفان تمام عاشقان رسول اسلامي پائرن جي خدمت ۾:

السلام عليكم ورَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُه الحمدُ لِلّٰه رَبِّ العٰلمينَ علیٰ كلِ حال

الحمدلله ربّ العالمين! جهومي وجو! جلد ئي ربيع الاول جو مهينو اچڻ وارو آهي. چڱين چڱين نيتن سان جشن ولادت جي ڌوم مچائڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃو.

تم بھی کرکے اُن کا چرچا اپنے دِل چمکاؤ | اونچے میں اونچا نبی کا جھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

(1) چندِ واري رات جو هنن لفظن سان ٿي پيرا مسجدن ۾ اعلان ڪرايو: تمام اسلامي پائرن ۽ پينرن کي مبارڪ هجي جو ربيع الاول شريف جو چندِ نظر اچي ويو آهي.

رَبِیْعُ الاوّل اُمیدوں کی دُنیا ساتھ لے آیا دُعاؤں کی قَبو لیّت کو ہاتھوں ہاتھ لے آیا

(2) براءِ ڪرم ربيع الاول شريف جي برڪت سان اسلامي پائر هميشہ جي لاءِ هڪ مٺ ڏاڙهي ۽ اسلامي پينرون مستقل شرعي پردو ۽ وڏي خوش قسمتي جو مدني برقعو پائڻ جي نيت ڪن. (مرد لاءِ ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ ٻئي حرام آهن، اسلامي پيڻ جو بي پردگي ڪرڻ حرام آهي.)

جُھک گیا کعبہ سَبھی بُت مُنہ کے بَل اَوندھے گرے | دَبدبہ آمد کا تھا، اَھْلًا وَّ سَھْلًا مرحبا

(3) سنتن ۽ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ جو عظيم فارمولو هي آهي تہ تمام عاشقان رسول اسلامي پائر ۽ اسلامي پينرون روزانو جائزو وٺندي نيڪ اعمال جو رسالو پري هر انگريزي مهيني جي پهرين تاريخ تي جمع ڪرائڻ جي نيت ڪن، تقويٰ جو انمول خزانو هٿ ايندو

بدلیاں رَحمت کی چھائیں، بُوندیاں رَحمت کی آئیں

اب مرادیں دل کی پائیں، آمد شاہِ عرب ہے

(قبالہ بخشش، ص۱۸۴)

(4) دعوت اسلامي جا نگران ۽ ذميدارن سميت تمام عاشقان رسول اسلامي پائر نيت ڪيو هفتہ وار مدني مذاڪري ۾ شرڪت ۽ هفتہ وار سنتن پري اجتماع ۾ بہ شرڪت ڪنداسين. ربيع الاول شريف ۾ خصوصيت سان گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪن.

میں مبلّغ بنوں سنتوں کا ،خوب چرچا کروں سنتوں کا

یا خدا!درس دوں سنتوں کا ،ہو کرم!بہر خاکِ مدینہ

(5)پنهنجي مسجد، گهر، دڪان، ڪارخاني وغيره تي 12 عدد نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد سبز سبز جهندو ربيع الاول شريف جي چنڊ رات ڪان وٺي سڄو مهينو لڳايو، بسن، ويگنن، ٽرڪن، ٽرالن، ٽيڪسين، رڪشن، ريڙهن، ٽانگن وغيره تي ضرورت موجب پنهنجي ڪيسي مان رقم پري جهنڊا خريد ڪري لڳايو، پنهنجي سائيڪلن، اسڪوٽر ۽ ڪار تي بہ لڳايو، اِنْ شَآءَ الله هر طرف سبز سبز جهنڊن جون بهارون مرڪندي نظر اينديون، عام طور تي ٽرڪن جي پنيان جاندارن جون وڏيون وڏيون تصويرون ۽ بي ڍنگا شعر لکيل هوندا آهن، منهنجي خواهش آهي تہ ٽرڪن، بسن، ويگنن، رڪشن، ٽيڪسين، سوزوڪين، ۽ ڪارن وغيره جي پنيان وڏن لفظن ۾ هي لکيل هجي، **مون کي دعوتِ اسلامي سان پيار آهي**، مالڪن ۽ ٽرانسپورٽ وارن سان ملي ڪري مدني ترڪيبون ڪيو ۽ سگِ مدينہ عفي عنہ جي دل جون دعائون وٺو.

**ضروري احتياط**: جيڪڏهن جهنڊي تي نعلين پاڪ جو نقش پاڪ يا ڪا لکت هجي تہ هن ڳالهہ جو خيال رکو تہ نہ اهو ليڙون ليڙون ٿئي، نہ ئي زمين تي اچي پئي ۽ جيئن ئي ربيع الاول شريف جو مهينو موڪلائي وڃي تہ فوراً لاهي ڇڏيو، جيڪڏهن احتياط نہ ٿو ٿي سگهي ۽ بي ادبي ٿيڻ جو انديشو هجي

تہ بنا نقش ۽ بنا لکت جا سادا ساوا جهنڊا لڳايو. (سگِ مدينہ عفي عنہ بہ حتي الامڪان پنهنجي مڪان بنام ”بيت الفنا“ تي سادا (يعني بغير ڪنهن نقش ۽ لکت جي) جهنڊا لڳائيندو آهي

سعادت ملے درسِ فيضانِ سُنّت کی روزانہ دو مرتبہ یاالٰہی!

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص۱۰۳)

(6) پنهنجي گهر تي 12 جهالرن (يعني لڙهين) يا گهٽ ۾ گهٽ 12 بلبن سان ۽ پنهنجي مسجد ۽ محلي ۾ بہ 12 ڏينهن تائين خوب لائيٽنگ ڪيو (پر انهن ڪمن لاءِ بجلي چوري ڪرڻ حرام آهي. تنهن ڪري ان سلسلي ۾ بجلي فراهم ڪندڙ اداري سان رابطو ڪري جائز ذريعن جي ترڪيب بڻايو) سڄي علائقي کي سبز سبز جهنڊن ۽ رنگ برنگي بتين سان سينگاري ڪنوار بڻائي ڇڏيو. مسجد ۽ گهر جي ڇت ۽ چوڪ وغيره تي واٽهڙن ۽ سوارين کي تڪليف کان بچائيندي حقوقِ عامہ ضايع ڪرڻ کان بغير فضا ۾ لڙڪندڙ 12 ميٽر يا ضرورت مطابق سائيز جا وڏا جهنڊا لڳايو، وچ رستي تي جهنڊا نہ هڻو جو ان سان ٽريفڪ جو نظام متاثر ٿيندو آهي، ۽ گهٽيءَ وغيره کي بہ اهڙي سجاوٽ نہ ڪيو جنهن سان مسلمانن جو رستو سوڙهو ٿي ۽ انهن جي حق تلفي ۽ دل آزاري جو سبب ٿئي.

مشرق و مغرب میں اک اک! بامِ کعبہ پر بھی ایک ۔ نَصب پرچم ہوگیا، اَھْلاً وَّ سَھْلاً مرحبا

(7) هر اسلامي ڀاءُ طاقت آهر وڌيڪ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن رپين جا مڪتبة المدينہ جا ڇپيل رسالا ۽ مدني گلن جا مختلف پمفليٽ ميلاد جي جلوس ۾ ورهائي ۽ اسلامي ڀينرون بہ تقسيم ڪرائن، اهڙي طرح سڄو سال اجتماعن ۾ لنگرِ رسَائل جو اهتمام فرمائي ڪري نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو. شادي غمي جي موقعن تي ۽ مرحومن جي ايصال ثواب جي خاطر بہ “لنگرِ رسائل” هلايو ۽ ٻين مسلمانن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو .

بانٹ کر مَدَنی رسائل دِین کو پھیلایئے ۔ کرکے راضی حق کو حقدارِجناں بن جایئے

(8) پمفليٽ ”جشنِ ولادت جا 12 مدني گل “ ممڪن هجي ته 112 نه ته گهٽ ۾ گهٽ 12 عدد ۽ ٿي سگهي ته رسالو ”صبح بهاران“ 12 عدد مڪتبةالمدينہ تان هديو ڏئي حاصل ڪري ورهايو، خصوصاً انهن تنظيمن جي سربراهن تائين پهچايو جيڪي جشن ولادت جون ڌومون مچائيندا آهن. ربيع الاول شريف جي دوران 1200 روپيا، جيڪڏهن هي نه ٿي سگهي ته 112 روپيا ۽ اهو به نه ٿي سگهي ته 12 رپيا ڪنهن سني عالم کي پيش ڪريو، جيڪڏهن پنهنجي مسجد جي امام، مؤذن يا خادمن ۾ ورهائي ڇڏيو تڏهن به نيڪ آهي، زهي نصيب! هيءَ خدمت هر مهيني جاري رکڻ جي سعادت حاصل ٿئي.. شادين جي موقعي تي شادي ڪارڊ سان گڏ رِسالا ۽ ٿي سگهي ته مذڪوره ميموري ڪارڊ به شامل ڪريو.

ولادتِ شہِ دیں ہر خوشی کی باعث ہے | ہزار عید سے بھاری ہے بارہویں تاریخ

(9) وڏي شهر ۾ هر علائقي مشاورت جا نگران (ڳوٺن وارا ڳوٺن ۾)12 ڏينهن تائين روزانو مختلف مسجدن ۾ عظيم الشان سنتن ڀريا اجتماع منعقد ڪن (ذميدار اسلامي ڀينرون گهرن ۾ اجتماع فرمائن) ربيع الاول شريف جي دوران ٿيڻ وارن تمام اجتماعن ۾ جن ڪان ٿي سگهي اهي سبز جهنڊا گڏ کڻي اچن .

لَب پر نعتِ رسولِ اکرم ہاتھوں میں پرچم　　دیوانہ سَرکار کا کتنا پیارا لگتا ہے

(10) 11 ربيع الاول جي شام نه ته ٻارهينءَ جي رات غسل ڪيو، ٿي سگهي ته هن عيدن جي عيد جي تعظيم جي نيت سان اڇو لباس، عمامو، سربند، ٽوپي، مٿي تي پائڻ واري سفيد چادر پردي ۾ پردي لاءِ چادر، ڏندڻ، کيسي جو رومال، چپل، تسبيح، عطر جي شيشي، هٿ جي گهڙي، قلم، قافلو پيڊ وغيره پنهنجي استعمال جي هرشيءِ ممڪن هجي ته نئي ونو.

آئی نئی حکومت سِکّہ نیا چلے گا　　عالَم نے رنگ بدلا صُبحِ شبِ وِلادت

(ذوقِ نعت، ص۶۷)

(12) ٻارهين جي رات اجتماع ميلاد ۾ گذاري صبح صادق جي وقت پنهنجن هٿن ۾ سبز سبز جهنڊا کڻي، درود ۽ سلام جا هار کڻي، اکين مان ڳوڙها وهائيندي **"صبح بهاران"** جو استقبال ڪيو. فجر جي نماز کانپوءِ سلام ۽ عيد مبارڪ چئي هڪ ٻئي سان گرم جوشي سان ملاقات فرمايو ۽ سڄو ڏينهن عيد جون مبارڪون پيش ڪندا ۽ عيد ملندا رهو.

عیدِ میلادُالنّبی تو عید کی بھی عید ہے　　بالیقیں ہے عیدِ عیداں عیدِ میلادُالنّبی

(وسائلِ بخشش مرمم، ص ۳۸۰)

الله پاڪ جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ 12 سومر شريف تي روزو رکي پنهنجي ولادت جو ڏينهن ملهائيندا رهيا، توهان به ياد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾ **12 ربيع الاول شريف** جو روزو رکي ڪري سائو جهنڊو کڻي **جلوسِ ميلاد** ۾ شريڪ ٿيو. جيستائين ممڪن ٿئي با وضو رهو ۽ زبان تي درود و سلام ۽ نعتن جا نغمه ڳائيندي ۽ درود ۽ سلام جا گل پيش ڪندي نگاهون جهڪائي باوقار طريقي سان هلو. نينگ ٽپا ڏيندي هلڻ سان ڪنهن کي تنقيد جو موقعو نه ڏيو.

ربیعُ الاوّل تجھ پر اَہلسنّت کیوں نہ ہوں قرباں　　کہ تیری بارھویں تاریخ وہ جانِ قمر آیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد